SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1976

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1976

صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976

THE PRIVINCIAL MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي شق 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي شق 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

4. اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

5. اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي تيرهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Thirteenth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1976

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1976

صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976

THE PRIVINCIAL MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

[26 آڪٽوبر 1976]

صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس 1965 ۾ هيٺين ريت وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ صورتحال کي نظر ۾ رکندي تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب ڏنل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ

فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ العمل هوندو.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي شق 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

2. صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، دفعه 50 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾ لفظن "اٺ هزار" جي جڳهه تي لفظ "پندرنهن هزار" متبادل بڻايا ويندا.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي شق 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 67 ۾:-

(الف) ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ "ڪيريج (Carriage)" ۽ لفظ "جيئن (as)" وچ ۾ لفظ "يا ڪارپوريشن طرفان جيڪڏهن اهڙي ڪيريج جو تعلق ڪارپوريشن سان آهي" متبادل بڻايا ويندا.

(ب) ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾ لفظن "اٺ هزار" جي جڳهه تي لفظ "پندرنهن هزار" متبادل بڻايا ويندا.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي ڇهين شيڊول ۾ نوٽ 1 کان اڳ آخري داخلا کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:-

"بدين..... بي.ڊي (B.D)"

Amendment of Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي تيرهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Thirteenth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

5. ڇاڻايل آرڊيننس جي تيرهين شيڊول ۾، هيٺيون تبديليون آنديون ويونديون.

تيرهون شيڊول

(ڏسو دفعات 50، 53 ۽ 67)

جريان نمبر	زخم (Injury)	معاوضو
1.	ساڄي ٻانهن ڪلهي کان يا ٿوٿ کان ضايع ٿيڻ	4000
2.	کاڀي ٻانهن ڪلهي کان يا ٿوٿ کان ضايع ٿيڻ	4000
3.	ساڄي ٻانهن جو ٿوٿ کان هيٺ ضايع ٿيڻ	3500
4.	کاڀي ٻانهن جو ٿوٿ کان هيٺ ضايع ٿيڻ	3500
5.	ڇنگهه جو گوڏي وٽان يا ان کان مٿي ضايع ٿيڻ	4000
6.	ڇنگهه جو گوڏي کان هيٺ ضايع ٿيڻ	3500

.7	ٻڏڻ جي سگهه وڃائڻ	4000
.8	هڪ اک جو ضايع ٿيڻ	4500
.9	ٻنهي اکين جو ضايع ٿيڻ	8000
.10	آڱوٺي جو ضايع ٿيڻ	2000
.11	هڪ پير جو پڀ ضايع ٿيڻ	3000
.12	ڏسڻي آڱر جو ضايع ٿيڻ	2000
.13	سڄو پڀ ضايع ٿيڻ	1500
.14	ڏسڻي آڱر کانسواءِ ڪا آڱر ضايع ٿيڻ	1500
.15	منهن يا مٿي جو بگڙي وڃڻ (Disfiguration)	1500 کان 4000 تائين بگاڙ جي حساب سان
.16	هڏي جي ٽٽڻ جو فريڪچر	1500
.17	ماس جو ضايع ٿيڻ	3500
.18	هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڏندن جو ضايع ٿيڻ	هڪ لاءِ 500 وڌيڪ لاءِ 2000
.19	ڪو زخم جنهن زندگي کي خطرو هجي يا جنهن سان 20 ڏينهن تائين جسم ۾ سور هجي، يا پنهنجا عام ڪم ڪار نه ڪري سگهي.	1500
.20	هن شيڊول ۾ نه ڄاڻايل ڪنهن زخم جو طبي خرچ (Medical	ميڊيڪل آفيسر

	Expense)	پاران ڄاڻايل حقيقي خرچ

نوٽ: "ڪنهن زخم (Injury) لاءِ وڌ ۾ وڌ معاوضو ڏهه هزار رپين تائين محدود ڪيو ويندو."

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.